SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر II مجريه 2005

# SINDH ACT NO.II OF 2005

# سنڌ بورڊس آف انٽرميڊيئيٽ اينڊ سيڪنڊري ايجوڪيشن (ترميم) ايڪٽ، 2005

# THE SINDH BOARDS OF INTERMEDIATE AND SECONDARY EDUCATION (AMENDMENT) ACT, 2005

## (CONTENTS) فهرست

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement
2. 1972 جي سنڌ آرڊيننس VI جي دفعہ 2 جي ترميم
Amendment of Section 2 of Sindh Ordinance VI of 1972
3. 1972 جي سنڌ آرڊيننس VI جي دفعہ 3 جي ترميم
Amendment of Section 3 of Sindh Ordinance VI of 1972
4. 1972 جي سنڌ آرڊيننس VI جي دفعہ 4 جي ترميم
Amendment of Section 4 of Sindh Ordinance VI of 1972
5. 1972 جي سنڌ آرڊيننس VI جي شيڊول جي ترميم
Amendment of Schedule to Sindh Ordinance VI of 1972
6. منسوخي
Repeal

# سنڌ ايڪٽ نمبر II مجريه 2005

# SINDH ACT NO.II OF 2005

## سنڌ بورڊس آف انٽرميڊيئيٽ اينڊ سيڪنڊري ايجوڪيشن (ترميم) ايڪٽ، 2005

## THE SINDH BOARDS OF INTERMEDIATE AND SECONDARY EDUCATION (AMENDMENT) ACT, 2005

[6 جولاءِ 2005]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ بورڊس آف انٽرميڊيئيٽ اينڊ سيڪنڊري ايجوڪيشن آرڊيننس، 1972 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ بورڊس آف انٽرميڊيئيٽ اينڊ سيڪنڊري ايجوڪيشن آرڊيننس، 1972 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

ان ڪي هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ بورڊس آف انٽرميڊيئيٽ اينڊ سيڪنڊري ايجوڪيشن (ترميم) ايڪٽ، 2005 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

1972 جي سنڌ آرڊيننس VI جي دفعه 2 جي ترميم
Amendment of Section 2 of

2. سنڌ بورڊس آف انٽرميڊيئيٽ اينڊ سيڪنڊري ايجوڪيشن آرڊيننس، 1972 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ به ڄاڻايل آرڊيننس سڏيو ويندو، ان جي دفعه 2 جي شق (u) ۾، لفظن "حيدرآباد ۾ بورڊ" لاءِ لفظ "حيدرآباد ۽ ميرپور خاص ۾ بورڊ" متبادل ٿيندا.

Sindh Ordinance VI of 1972

1972 جي سنڌ آرڊيننس VI جي دفعہ 3 جي ترميم

Amendment of Section 3 of Sindh Ordinance VI of 1972

3. ڄاڻايل آرڊيننس جي دفعہ 3 جي ذيلي دفعہ (1) ۾:

(i) شق (c) ۾، آخر ۾ ايندڙ لفظ "۽" کي ختم ڪيو ويندو؛

(ii) شق (d) ۾، آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کي سيمي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ لفظ "۽" کي متبادل بڻايو ويندو ۽ ان کانپوءِ هيٺين ريت اضافو ڪيو ويندو:

"(e) ميرپور خاص ۾، هڪ بورڊ جنهن کي بورڊس آف انٽرميڊيئيٽ اينڊ سيڪنڊري ايجوڪيشن، ميرپور خاص سڏيو ويندو."

1972 جي سنڌ آرڊيننس VI جي دفعہ 4 جي ترميم

Amendment of Section 4 of Sindh Ordinance VI of 1972

4. ڄاڻايل آرڊيننس جي دفعہ 4 جي ذيلي دفعہ (1) جي شق (iii):

(i) ذيلي شق (d) ۾ آخر ۾ ايندڙ لفظ "۽" کي ختم ڪيو ويندو؛

(ii) شق (e) ۾، آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کي سيمي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ لفظ "۽" کي متبادل بڻايو ويندو ۽ ان کانپوءِ هيٺين ريت اضافو ڪيو ويندو:

"(f) بورڊس آف انٽرميڊيئيٽ اينڊ سيڪنڊري ايجوڪيشن، ميرپور خاص، ايگزيڪيوٽو ڊسٽرڪٽ آفيسر ايجوڪيشن."

1972 جي سنڌ آرڊيننس VI جي شيڊول جي ترميم

Amendment of Schedule to

5. ڄاڻايل آرڊيننس جي شيڊول ۾، لفظ "حيدرآباد" جتي بہ اچي، لفظ "حيدرآباد يا ميرپورخاص" متبادل ٿيندا.

Sindhi Ordinance VI of 1972

منسوخي
Repeal

6. سنڌ بورڊس آف انٽرميڊيئيٽ اينڊ سيڪريٽري ايجوڪيشن (ترميم) آرڊيننس، 2004 منسوخ ڪيو وڃي ٿو.

**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**